# عوام جي تحريڪ ”عوامي تحريڪ“

مظهر اڄڻ

---

جيڪڏهن ڪو مونکان پڇي ته ويهين صدي جو وڏي ۾ وڏو واقعو ڪهڙو ٿيو؟ جيڪو سنڌ ۽ پاڪستان جي عوام ڪي هڪ نئين دور ۾ وٺي آيو، ته منهنجو جواب بنا ڪنهن هٻڪ جي اهو آهي ته ”عوامي تحريڪ“ نالي تنظيم کي قائم ڪرڻ. ”4 مارچ 1967ع“ واري واقعي جي ياد ۾ 4 مارچ 1969ع تي حيدرآباد شهر ۾ جيڪو مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ لکين سنڌين لنين ۽ ڪهاڙين سان شرڪت ڪري ايوب شاهي حڪومت ۽ ڦهري ڪمشنر ”سرورحسن“ جي خلاف اپ ڏاريندڙ نعرن سان حيدرآباد، جون گهٽيون گونجنديون رهيون. ان جلوس جي اڳواڻي جي ايم سيد کي ڪرڻي هئي پر سن جو سائين عوام جي هن بحر بيڪران جي اڳواڻي ڪرڻ بجاءِ راولپنڊي روانو ٿيو. مجبورن جلوس جي منتظمين مير رسول بخش ٽالپر کي گذارش ڪئي ته هو اچي هن جلوس جي اڳواڻي ڪري، هن وري ڪوٽڙي ريسٽ هائوس ۾ رهيل ذوالفقار علي ڀٽي کي گهرائي جلسي جي صدارت ڪرائي، ايئن هي عظيم الشان جلوس ڪنهن تنظيم نه هئڻ ڪري يرغمال ٿي ويو.

5 مارچ تي هن جلوس کي آرگنائيز ڪرڻ وارن جن ٺٽي، بدين، حيدرآباد جي ڀهراڙين مان لکن جي تعداد ۾ سنڌي ماڻهن کي شريڪ ڪرايو هو. هن سموري واردات جو جائزو وٺڻ لاءِ پرڳڙي هائوس حيدرآباد ۾ گڏ ٿيا. حالتن جي چنڊ ڇاڻ ڪري ان نيتيجي تي پهتا ته اڳواڻ جي گولي ٿيڻ ۽ پنهنجي پارٽي نه هئڻ ڪري هي سڀ ڪجهه ٿيو. ان ڪان پوءِ اهڙين حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ متفقه طور تي هڪ نئين پارٽي ٺاهڻ جو اعلان ڪيو. ان پارٽيءَ جو نالو ”سنڌي عوامي تحريڪ“ رکيو ويو. گهڻو پوءِ پارٽي رجسٽرڊ ڪرائڻ لاءِ ”عوامي تحريڪ“ جو نالو مقرر ڪيو.

هن اجلاس ۾ رسول بخش پليجو، حفيظ قريشي، فاضل راهو، فتاح ملڪ، عالم شاهه، منصورعباسي ۽ ظفر اڄڻ ڪانسواءِ ٻيا ڪيترا ماڻهو شريڪ

ٿيا. هڪ 17 رڪني مرڪزي ڪاميٽي چونڊي ويئي پارٽي جو صدر حفيظ قريشي سيڪريٽري جنرل رسول بخش پليجو ۽ نائب صدر فاضل راهو کان علاوه ضلعي ڪميٽيون پڻ جوڙيون ويون.

اڄ 5 مارچ جو ڏينهن عوامي تحريڪ جي 38 سالگراه جو ڏينهن آهي. سالگراھ کي ملهائڻ لاءِ سمورن ضلعن ۽ ڪيترن يونٽن ۾ ڪيڪ ڪاٽيا ويندا. اڄ جو ڏينهن ان حوالي سان سنڌ ۽ سنڌي عوام جي سچي پچي عوامي سياست جو سنگ ميل آهي.

هونئن ته عوامي تحريڪ جي اڳواڻ، دلير، ارڏي، اٽوٽ ۽ ڳاڙهي گهوٽ محترم رسول بخش پليجو ان وقت کان سنڌ ۽ سنڌي عوام جي سياست جو رنگ ڍنگ بدلائي قومي جمهوري ۽ طبقاتي سچي پچي عوامي سياست جو ٻج ڇٽڻ ۽ آبياري ڪرڻ شروع ڪري ڏني هئي جنهن وقت هن

”جهان کي ڏيو مبارڪون، اسين پيا ڪاهيندا اچون

نون سرن ۾ زندگي جو گيت ڳائيندا اچون“

جهڙي شاعري تخليق ڪري ايندڙ وقت ۾ سياست جو قبلو درست ڪري رخ متعين ڪري ڇڏيو هو.

اهو ڏينهن ۽ اڄ جو ڏينهن عوامي تحريڪ جي سياست ورن وڪڙن وارن اٽانگن گسن کي جهاڳيندو ڪڏهن هڪ قدم اڳتي ڪڏهن ٻه قدم پوئتي ٿيندي، سمونڊ جي ويرن جيان اڳتي وڌندي ۽ پوئتي هٽي وري اڳتي ٿيندي رهي آهي.

عوامي تحريڪ شروع ڏينهن کان وٺي سنڌي عوام کي ”سياسي تعليم“ ڏيارڻ جو بندوبست ڪري پهريون دفعو پڙهو، ڄاڻ حاصل ڪيو، جدوجهد ڪيو ۽ تنظيم ڪيو جو ڏانءُ ڏنو. هن پنهنجن ڪارڪنن ۽ سنڌي عوام لاءِ سياسي تعليم تحريڪ رسالو ڪڍيو ۽ ان کان علاوه ننڍا وڏا ڪيترائي ڪتاب ڇپرائي سياسي تعليم جو سلسلو شروع ڪيو، جيڪو اڄان تائين جاري آهي.

جدوجهد جي ميدان ۾ پهرين ڏينهن کان ”سنڌي ۾ ووٽر لسٽون“ ”نيلام بند ڪريو“ ”زمينون هارين ۾ ورهايو“ شروعاتي شاندار جدوجهد ڪري ڪاميابيون ماڻيون. ان کان پوءِ مسلسل هر ميدان تي عوام کي گڏ ڪري جدوجهد ڪرڻ عوامي تحريڪ جي ضمير ۾ شامل جوهر آهي. ذوالفقار علي ڀٽي ۽ پيپلز پارٽي جي هر ان عمل جي پرزور مخالفت ڪئي ويئي جيڪو عوام جي خلاف هو جنهن

جي نتيجي ۾ عوامي تحريڪ جا هزارين ڪارڪن جيل ۾ رهيا. ضياء شاهي دور ۾ صحافين سان گڏجي جدوجهد عوامي تحريڪ جي شاندار جدوجهدن مان نرالي جدوجهد هئي.

MRD 1983ع جي جدوجهد جنهن ۾ سنڌي عوام کي اهو سمجهڻ جو موقعو فراهم ڪيو ته سنڌي ماڻهو جدوجهد ڪري پنهنجا حق حاصل ڪري سگهن ٿا. عوامي تحريڪ مختلف فورمن تي ٻهارين جي آبادڪاري خلاف ذبردست ۽ مضبوط ڪيس رکيو. ڪالاباغ ڊيم ۽ گريٽر ٿل ڪنيال جي خلاف سنڌي عوام کي سياسي ڄاڻ ڏيئي اهو شعور پيدا ڪيو جو اڄ سنڌ ۾ ڪو به ماڻهو ڪونهي جيڪو هنن منصوبن جي حق ۾ بيان ڏيئي سگهي. اهو سڀ ڪجهه عوامي تحريڪ جي ڪوششن ۽ سکر کان ڪراچي، لاڑڪاڻي کان ڪراچي، ڀٽ شاهه کان ڪراچي جي شاندار لانگ مارچن ۽ ڳوٺ ڳوٺ شهر شهر وڃي سنڌي ماڻهن کي هن موتمار منصوبن جي تباهيءَ کان آگاهه ڪيو ۽ منظم ڪيو.

MRD جي جدوجهد کان 3 ڪاتا مرڪز ۽ باقي سمورا صوبن جي حوالي ڪرڻ جي لاءِ پڻ رستو صاف ڪيو. پونم جي پهرين اجلاس ۾ پهريون دفعو 1940 جي قرارداد مطابق صوبن کي خودمختياري ڏيارڻ جو مطالبو شامل ڪرايو.

اڄ عوامي تحريڪ جي قائد محترم رسول بخش پليجي پنهنجي جدوجهد ۽ لکڻين وسيلي دهشت گردن جي خلاف ڀرپور ڪاذ جوڙي رهيو آهي ۽ ايندڙ اتحادن ۾ دهشت گردن کي شامل ڪرڻ لاءِ Pressure وجهي رهيو آهي. ته ڪابه پارٽي هنن جي بليڪ ميلنگ ۾ اچي ڪين ناجائز رعايتون ڏيڻ کان پاسيرا ٿين نه ته انهن جي خلاف ڌرتي ڌاماڻي ڪئي ويندي. مطلب ته سنڌ سنڌي عوام جي خلاف ٿيندڙ هر عمل هر اتحاد ۽ هر استوري خلاف عوامي تحريڪ جو هر ڪارڪن سچو پچو مڙس ماڻهو ٿي سجاڳ ۽ چوڪسي ڪري رهيو آهي.

عوامي تحريڪ اڄ جي هن اونداهي دور ۾ سنڌي عوام جي جدوجهد لاءِ Light house آهي. جنهن جي سوجهري ۾ نسلن تائين پنهنجي جدوجهد جاري رکندا ۽ اوس ڪاميابي ماڻيندا.

سنڌي عوامي برقي ـ ڪتاب
Sindhi Awami e-Books